# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريه 1993

# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1993

# سنڌ قانونن جي (ترميم ۽ منسوخي) آرڊيننس، 1993

# THE SINDH LAWS (AMENDING AND REPEALING) ORDINANCE, 1993

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1926 جي ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of Act X of 1926

3. 1939 جي ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of Act V of 1939

4. 1939 جي سنڌ ايڪٽ، XXI جي ترميم
Amendment of Sindh Act, XXI of 1939

5. 1952 جي ايڪٽ، XXI جي ترميم
Amendment of Act, XXI of 1952

6. 1955 جي سنڌ ايڪٽ، XII جي ترميم
Amendment of Sindh Act, XII of 1955

7. 1955 جي سنڌ ايڪٽ، XVI جي ترميم

Amendment of Sindh Act, XVI of 1955

8. منسوخي

Repeal

# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريه 1993

# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1993

# سنڌ قانونن جي (ترميم ۽ منسوخي) آرڊيننس، 1993

# THE SINDH LAWS (AMENDING AND REPEALING) ORDINANCE, 1993

[25 نومبر، 1993]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪجهه قانون ۾ ترميم ۽ ڪجهه کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪجهه قانون جيڪي مدي خارج ٿي ويا آهن، يا غير ضروري بڻجي ويا آهن يا منسوخ ڪرڻ کانسواءِ غير موثر بڻجي ويا آهن انهن ۾ ترميم ڪرڻ ۽ منسوخ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ قانونن جي (ترميم ۽ منسوخي) آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو گڊ ڪنڊڪٽ پرزنرس پروبيشنز رليز ايڪٽ، 1926 جي دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، ڪاما ۽ لفظن "ڪراچي ڪانسواءِ" کي ختم ڪيو ويندو، ايئن جيئن اهي ان ذيلي دفعہ ۾ ڪڏهن شامل ئي نہ هيا. | 1926 جي ايڪٽ X جي ترميم<br>Amendment of Act X of 1926 |
| 3. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ايگريڪلچرل پروڊيوس مارڪيٽس ايڪٽ، 1939 ۾:<br>(i) دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (5) ۾، لفظن "فراهمي ۽ اگهن جي بيورو" لاءِ لفظن "ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن" کي متبادل بڻايو ويندو؛<br>(ii) دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (3) ۾<br>(a) شق (a) ۾ لفظ "نو" لاءِ لفظ "ڏهہ" کي متبادل بڻايو ويندو؛<br>(b) شق (b) ۾ لفظ "سورنهن" لاءِ لفظ "ارڙنهن" کي متبادل بڻايو ويندو.<br>(iii) دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (XXVIII) | 1989 جي ايڪٽ V جي ترميم<br>Amendment of Act V of 1989 |

۾ لفظ "پيپلز" ختم ڪيو ويندو.

4. سنڌ ڊيٿي ليٽي ايڪٽ، 1993 جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "تاج" لاءِ لفظ "رياست" ڪي متبادل بڻايو ويندو.

1939 جي سنڌ ايڪٽ، XXI جي ترميم
Amendment of Sindh Act, XXI of 1939

5. سنڌ صوبي ۾ لاڳو سوائل ريڪليميشن ايڪٽ، 1952 جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (c) ۾ لفظن "اولهہ پاڪستان" ڪي ختم ڪيو ويندو.

1952 جي ايڪٽ، XXI جي ترميم
Amendment of Act, XXI of 1952

6. سنڌ چلڊرن ايڪٽ، 1955 ۾:

(i) دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (2) ڪي ختم ڪيو ويندو.

(ii) دفعہ 97 ۾ انگن "1929" لاءِ انگن "1955" ڪي متبادل بڻايو ويندو.

(iii) دفعہ 99 ۽ ان هيٺان شرطيہ بيان ختم ڪيا ويندا.

1955 جي سنڌ ايڪٽ، XII جي ترميم
Amendment of Sindh Act, XII of 1955

7. سنڌ ڪلچرل ايڊوانسمينٽ بورڊ ايڪٽ، 1955 ۾:

1955 جي سنڌ ايڪٽ، XVI جي

| | |
|---|---|
| ترميم<br>Amendment of Sindh Act, XVI of 1955 | (i) دفعہ 13 جي شق (vi) ۾، لفظن، ڪاما ۽ لفظن ۽ انگن "سنڌ پيپلز لوڪل گورنمنٽ آرڊيننس، 1972" کي لفظن، ڪاما ۽ انگن "سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979" سان متبادل بڻايو ويندو.<br>(ii) شيڊول جي دفعہ 17، 29 ۾، لفظ "پيپلز" کي ختم ڪيو ويندو. |
| منسوخي<br>Repeal | 8. هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ ڄاڻايل قانونن کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. |

شيڊول

| سال | نمبر | عنوان يا مختصر عنوان |
|---|---|---|
| 1935 | XXIX | سنڌ ڪرمنل پروسيجر (اليڪشنز آفينسز) (ترميم) ايڪٽ، 1935 |
| 1943 | XIX | سنڌ ايگريڪلچرسٽس رليف (ترميم) ايڪٽ، 1943 |
| 1943 | XX | سنڌ آبڪاري (ترميم) ايڪٽ، 1943 |
| 1948 | I | سنڌ پراونشل ڪليڪشن ٽيڪسز ايڪٽ، 1948 |
| 1958 | XVI | ويسٽ پاڪستان ڊرگس (ايڪسٽينشن) ايڪٽ، 1958 |
| 1958 | XVI | سنيماٽوگراف (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1958 |
| 1958 | XVIII | ويسٽ پاڪستان (ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن) |

| | | |
|---|---|---|
| | | (رهتن جي اوڳاڙي) ايڪٽ، 1958 |
| 1958 | XXV | اولهه پاڪستان قبرستان (محفوظ بڻائڻ ۽ مرمت) ايڪٽ، 1958 |
| 1958 | XXXI | ڪرپشن ڪان روڪڻ جو ايڪٽ (اولهه پاڪستان ايڪسٽينشن) آرڊيننس، 1958 |
| 1959 | XXXIII | سنيماٽوگراف (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1959 |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**